آکڙيون ڏيلا
من گهايل

مرلي ڌر

اڪڙيون ڏيلا من گهايل

(شاعري)

مُرلي ڌر

مارئي پبليڪيشن، ڪراچي

ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ ڏانهن محفوظ

ڪتاب: اکڙيون ڏيلا من گهايل
ليکڪ: مُرلي ڌر
موضوع: شاعري
پهريون ڇاپو: مارچ، 2010ع
ٽائيٽل ڊزائين: ڪپتان ابڙو
ڪمپوزنگ: عبدالقيوم قاسماڻي qayoom@ymail.com
پيسٽنگ: قمر گهانگهرو
ڇپيندڙ: ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي. 0300-2879794
ڇپائيندڙ: مارئي پبليڪيشن، ڪراچي.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت: -/150

Akhadyoon Dela Mann Ghayal (Poetry)
By: Murli Dhar
First Edition: **March** 2010
Printed by: Kachho **Publication**, Karachi
Published by: **Marvi Publication**
2nd floor, Block **# 2, Hockey** Stadium,
Liaquat Barracks, **Near Jinnah** Hospital,
Karachi, Sindh.

Price: Rs. **150/-**

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

منهنجي ڏاڏي
سرڳواسي وشنداس ڇاٻڙيا جي نانءَ
جنهن مون کي
مسڪينن سان محبت ڪرڻ جو
پهريون سبق سيکاريو

مرلي ڌر

آشا

ڪو اهڙو گيت لکان
ڪو اهڙو راڳ رچيان
ڪا اهڙي رمز رمان
تي جُڳ جُڳ امر وچان

ترتيب

♦ انسان دوست شاعر	سوپيو گيانچنداڻي	7
♦ گهايل مَنَ جو شاعر مُرلي ڏر	محمد علي پٺاڻ	8
♦ شاعريءَ جا سُڏڪا ۽ مُرلي ڏر	انور ابڙو	14
♦ پنهنجي پاران	مُرلي ڏر	19

سنڌي شاعري

1	منهنجو پهريون نظم	22
2	ڪڏهن ٿيندو هاري سجاڳ	23
3	ٽيڙو	24
4	ٽيڙو	25
5	عورت ۽ عقل	26
6	ٽيڙو	27
7	انسان ازل کان مشڪل ۾	28
8	اڪڙيون ڏيلا ، من گهايل	29
9	مان اُن ديس جو رهواسي	30
10	ڇُر ڀُر	31
11	قيمت	32
12	ٽيڙو	33
13	ٻڪر ٻوسات	34
14	سونهن جو سوالي	35
15	چوڻ لڳي اوپچڙا	36
16	ماڻهوءَ جي قيمت	37
17	شاگرد جي دانهن	38
18	ٻار	39
19	راند رچايون	40
20	امرت جل	41
21	وڏي مڙهيءَ ۾	42
22	سونامي جو سانحو	43
23	تون ۽ مان ٻَڪ	44
24	هڪڙا اوڊين ڪيمخاب	45
25	انهن جو ڇا ڪجي!	46
26	عضون جو عطيو	47
27	ٻليدان!	48
28	ميرو من!	49
29	اوپرا	50
30	ويندو پورا پورا ٿي	51
31	Episodic Love	53
32	روشن صبح جي نانءُ	54
33	انسان دوست ست	55
34	مذهبي منافرت	56
35	عيدون	57
36	ڪمپيوٽر جي دور	58
37	ڇُر ڀُر زندگي	59
38	سنڌ پياري	60
39	امڙ جي نانءُ	61
40	محبت ۾ ليڪو!	62
41	پنهنجي و طن ۾	63
42	امر ٿي ويو!	64
43	ماڻهوگُهرن ڏن دولت	65
44	ڪالهه منهنجي پٽ	66

45 خيرات ۾ ورتل زندگي! 67
46 امن پڪيئڙو 68
47 کهڙي ڪجي هولي 69
48 حاڪم 70
49 پهرين مئي 72
50 ننڍڙين ننڍڙين ٻالهين خاطر 73
51 هُوءَ ماءُ جو هُئي 74
52 آزاد انسان 75
53 ڪو اهڙو گيت لکان 76
54 ٻارنهن مئي 77
55 ٻه پتڪڙا هٿ 78
56 پيار ۾ 79
57 رات جي اونداهيءَ ۾ 80
58 جي حضوري 81
59 پرينءَ سان پيچ 82
60 وِياڪل 83
61 اهنسا 84
62 زلزلو 85
63 مانجهي مڙس متير 86
64 سنڌ 87
65 شِو 88
66 عورتن جو عالمي ڏينهن 89
67 تنهنجي هڪڙي مُرڪ 90
68 خواهش 91

اردو شاعری

69 نوجوانوں کا عالمی سال 93
70 قافلہ رواں دواں 95
71 لو آگئے 96
72 اِس شہر کی کیا تعریف کروں 98
73 من کی میل مندر لے جائیں 99
74 کیا پتا کب کس وقت 100
75 وہ جو رہتے ہیں 101
76 رات کی سیاہی میں 102

انسان دوست شاعر

ڊاڪٽر مُرلي ڌر جو نثري نظمن جو ڪتاب "اکڙيون ڏيلا، من گهايل" نظر مان گذريو. سائس منهنجي واقفيت ان زماني کان آهي، جڏهن هُو چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پڙهندو هو ۽ جيڪڏهن يادگيري صحيح آهي ته اسٽوڊنٽس فيڊريشن، جنهن جي اسٽڊي سرڪلس جا مان ڪلاس وٺندو هوس، ڊاڪٽر مرلي ڌر به ان گروپ جو ميمبر هو.

ڊاڪٽري پاس ڪرڻ کان ٿورو اڳ هن چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان "ڏياري" نالي هڪ مئگزين شايع ڪرائي هُئي، جنهن ۾ به چارپنڌ ڪري مون کان به انگريزيءَ ۾ هڪ مضمون لکرايو هئائين. اُها مئگزين هاڻي مون وٽ محفوظ ناهي.

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان هُو جڏهن پڙهي ٻاهر نڪتو هو ته مان کيس صلاح ڏني هئي ته هو مرحوم مير رحمان علي هاشمي، جيڪو تنهن وقت پاڪستان ميڊيڪل ائسوسئيشن جو سرواڻ هيو، سان ملي پنهنجي طبي شعبي ۾ صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪري ۽ هُن ائين ئي ڪيو ۽ اڄ هُو ڊاڪٽر اديب رضويءَ جي انسان دوست ٽيم جو حِصو آهي، جنهن جو مول متو آهي "مُفت علاج سيني لاءِ عزت سان"

ڊاڪٽر مرلي ڌر جي شاعريءَ وارو پاسو مون کان بلڪل لڪل هو ۽ هاڻي سندس نثري نظم پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي آهي.

هِن جي گهرواري پشپا به نثري نظم جي تمام سُٺي شاعرا آهي، جيڪا سنڌ جي مشهور اديب ۽ مترجم ولي رام ولڀ جي وَڏِ وَرَڏيءَ آهي ۽ سندس ننڍي ڀيڻ گوري پڻ اديبا آهي. مون کي خوشي آهي ته مان هن سڄي خاندان جي واڌاري ۾ ڪنهن حد تائين مددگار رهيو آهيان ۽ اڄ وڌيڪ خوشي ان ڪري ٿئي ٿي ته مرلي ڌر ڊاڪٽريءَ کان علاوه شاعريءَ لاءِ به ڪجهه وقت ڪيڍي ٿو.

هو جنهن قسم جي شاعري ڪري ٿو ۽ انسان دوست ڪامريڊ هجڻ وارو فرض نڀائي ٿو، ان لاءِ مون کي سرهائي به آهي ته فخر به آهي. اميد ته سندس هي شاعرانو سفر اڃا به وڌيڪ وسيع ٿيندو ۽ ڪاميابيون ماڻيندو.

سوڀو گيانچنداڻي **لاڙڪاڻو**

27-01-2010

گهايل مَنَ جو شاعر مُرلي ڏر

شاعري منهنجي نظر ۾ زخمي آڱرين سان گهايل من جي تارن کي ڇيڙڻ، اُن مان نوان سُر ۽ آلاپ پيدا ڪرڻ جو نالو آهي ۽ جنهن شاعريءَ ۾ اهو ڪجهه نه هجي. اُها اکرن جي هيرا ڦيري ۽ چسي ڪاريگريءَ کان سواءِ پنهنجو ڪو تعارف ڪرائي ناهي سگهندي. وقت ان کي تمام ٿوري وقت اندر چوني جي پوچي ڦيرائي يا طوفاني هوا سان ڪکن پنن وانگر اُڏاري ڪٿي وڃي تاريخ جي گند ڪچري حوالي ڪندو آهي.

مُرلي ڏر، جيڪو پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر يعني مسيحا جو درجو رکندڙ آهي ۽ موجوده زماني ۾ جتي ڊاڪٽرن جي اڪثريت ان اعليٰ مقام واري سچائپ کي پئسي جي پستيءَ ڏانهن گهلي، ان جي رنگ روپ ۽ نڪ نقشي کي بدلائي ڇڏيو آهي، اُتي هو پنهنجي پيشي کي حقيقي معنيٰ ۾ مسيحا جي بي غرض ڪردار واري ساڳئي شان ۽ مانَ سان سلهاڙي، اُن جي اُهائي سچائپ بحال ڪرائڻ لاءِ ڏينهن ۽ رات جاکوڙ جاري رکندو پيو اچي.

ان ڊگهي ويڙهاند واري حياتيءَ جيڏي مسافت ۾ هن بيمار ۽ گهايل ماڻهوءَ جي چڪيل چاڪن کي پنهنجي ڪپهه جهڙن اڇن اُجرن، نرم ۽ نفيس هٿن سان بي انتها پيار مان ڌوئندي صاف ڪندي ۽ سبندي سدائين پاڻ کي اڳي کان اڳرو پئي ڪيو آهي ۽ ان هيڏي ساري خالص خدمت واري مصروفيت مان هن کي جيڪا به گهڙي، پَلَ ۽ پَهر پنهنجي جياپي کي جاري رکڻ لاءِ ننڊ ۽ آرام جي صورت ۾ پلئه پيا آهن. انهن ۾ هن ڪنوتي ڪري بيمار ماٺيي ۽ معاشري کي صحتمند ۽ ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪرڻ لاءِ قلم ڪئنچي بڻائي جراحيءَ وارو ڪم جاري رکيو آهي ۽ اهڙن اکرن واري شاعري ڪئي اٿائين. جيڪا ڏسي ۽ پڙهي دل ۽ اکيون ٺري پون ٿيون.

شاعريءَ جي ان مشڪل ۽ ڪنڊائين پيچري تي ڊاڪٽر مرلي ڏر اُهو عشق وارو پنڌ تڏهن شروع ڪيو هو، جڏهن ملڪ جي پهرين چونڊيل حڪومت باقي ڪجهه ڏينهن جي مهمان وڃي رهي هئي.

اهو 14 اپريل 1977ع جو ڏينهن هو ۽ هن پنهنجي ڏنگن ڦڏن اکرن ۾ جيڪو پهريون نظم لکيو هو، ان ۾ دنيا کي ”نفرت جو پنڌار

ڪونيندي هن پاڻ کي ان ڪان پرپرو ڪري بيهاريو هو. چوته هن کي بي سمجهيءَ واري زماني ۾ ئي پنهنجي ڏاڏي وشنداس وٽان هنئين سان هنڊائڻ لاءِ پهريون سمجهه ڀريو نقطو ئي اُهو پلئه ڀيو هو ته، "مسڪينن سان پيار ڪجي." ۽ تڏهن ئي هن ان کي پنهنجو نصب العين بنائي، پهرين نظم سان ئي اهڙو اظهار ڪيو هو.

ائين پوءِ ڪڏهن ڏينهن ۽ ڪڏهن سالن جي وٿين وارو ڊاڪٽر مرلي ڌرجو اهو گهايل پيرن سان ڪيل شاعرانو رقص نظم جي صورت ۾ اچن اُجرن ڪاغذن تي پنهنجي لهُولهان تاريخ لکندو ويو ۽ هاڻي جڏهن ان جو ورق ورق گڏجي مجموعو بڻجي اکين آڏو آيو آهي ته سچ پچ روح جي گهراين مان الائي ڪيترا دفعا "واهه واهه" جا لفظ نڪري چپن ته هن جي اکرن تي گلن جون ورڪائون ڪندي ٽڪجن ئي نٿا.

هو جڏهن گولين جي پرمار ۾ ڪنهن بيوس عورت جي هٿن مان سندس ٽج پيئندڙ ٻار کي "ٽيڙوءَ" جي ڪئميرا ۾ پٽ تي ڪرڻ واري تصوير سان محفوظ ڪري ٿو ته ڪيترو ئي وقت ذهن ان جي مٿان بيهي اهو درد جو منظر ڏسندو رهي ٿو ۽ پاڻ کي ان پيڙا جو حصو بڻائي ڇڏي ٿو.

گولين جي پر مار،
ڪِري پيس پٽ تي
ٽج پيئندڙ ٻار

۽ بيٺي بيٺي اوچتو جيئڻ ئي ڪنهن تيز هوا جو جهوٽو اچي خيال کي نئين چرپر ۽ اڳتي وڌڻ جو حوصلو بخشي ٿو ته شعور جون وکون هوريان هوريان کڄنديون ۽ هن جي شاعريءَ جي مختلف رنگن، عڪسن، ماڳن ۽ مڪانن جا سير ڪندي اچي "ماڻهوءَ جي قيمت" نظم تي ڄمي بيهي رهن ٿيون:

ماڻهوءَ جي
جان جي قيمت
هڪڙي گولي
بنجي وئي آ
جهڙو ڪر
شروع ڪئي آهي
ميونسپلٽيءَ
ڪتا مار مهم

۾ تڏهن اکيون ان جي انتهائي اُگري پيغام کي سمجهي سخت تڪليف ۾ ذک وچان زورسان ٻوٽجي وڃن ٿيون.

ترقي پسند ۽ سوشلسٽ نظريي ۾ ٺئي مانهوءَ جي آجپي جا خواب ڏسندڙ نه صرف پنهنجي زندگيءَ جي هر وک تي روشن خياليءَ جو ساٿ ڏئي، معاشري مان هر قسم جي ڏاڍ، ڏمر ۽ استحصال جو انت چاهي ٿو، پر زندگيءَ کان پوءِ به يعني موت جي سرحد تي پهچي به بنهين غير روايتي ۽ انسانيت جي اعليٰ گڻن واري خاصيت جو اظهار"خواهش" نظم ۾ هيئن ڪري ٿو:

منهنجي پياري
جڏهن مان
مري وڃان ته
منهنجي خون جو
ٽيپو ٽيپو
جسم جو انگ انگ
ڪنهن ضرورتمند
کي دان ڪجانءِ

منهنجا گردا
ان نوجوان
کي ڏجانءِ
جيڪو آسمان
کي ڇهڻ جا
خواب ڏسندو آهي

منهنجو جگر
ان ماءُ کي ڏجانءِ
جيڪا پنهنجي ٻارن
جي آئيندي لاءِ
پريشان آهي

منهنجي دل

ان پريمي
کي ڏجانءِ
جيڪو پوڄاري آهي پيار جو
۽ پوءِ اها
پڪ ڪجانءِ ته
مان رهندي دنيا تائين،
زنده رهندس
امرتي ويندس.
او منهنجي پياري

اهڙي اندازِ منفرد سوچن سان مالا مال ڊاڪٽر مرلي ڌرجي هن شاعرائي وکر ۾ مون جا بجا ابهم ٻار واري معصوميت کي جهلڪندي ڏٺو آهي ۽ هو يسوع مسيح ۽ گانڌيءَ جي اهنسا جي نظريي سان پنهنجي انقلابي خيال مطابق جيڪڏهن ڪٿي ٽڪراءَ ۾ به اچي ٿو ته ڏسو ته ان وقت به هن جو انداز ويڙهاڪ جي للڪار بنجڻ بجاءِ ٻار جي معصومانه سوال جو ڏڱ وٺي ٿو ۽ اُهو ڪيڏو نه پيارو ۽ نيارو لڳي ٿو. پان ئي پڙهي ان جو اندازو لڳائي ڏسو:

يسوع مسيح ۽
گانڌيءَ جي
اهنسا واري فلسفي مطابق
جيڪڏهن
ڪو هڪ ڳل تي چماٽ هڻي
ته
ٻيو ڳل سامهون ڪري ڏجيس
پر سوال آهي
جيڪڏهن
مارڻ واري وٽ
تلوار هٿ ۾ هُجي
ته پوءِ!
ٻيو ڪنڌ ڪٿان آڻجي!؟

هڪ نظم "امڙ جي نانءِ" ۾ ڊاڪٽر مُرلي ڌر ٻڌائي ٿو ته پنهنجا سک ٻين جي ڏکن تي گهورڻ واري اُها سُتي ڪيس پنهنجي امڙ ئي

پيئاري هئي ۽ ان ئي انسان دوستيءَ جي عظمت واري اهڙي راهہ تي پنڌ ڪرڻ لاءِ هن کي چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرايو هو تہ اهو سيڪجهہ رتَ، ستَ ۽ قرباني ڏيڻ واري جذبي سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

مون هميشہ ۽ هرگهڙي
سوچيو آهي ٻين جو سک
پياري امڙ اُها سُتي جو
پياري هيم
اُها سوچ ۽ اهوگڻ
آهي عظيم ۽ انسان دوست
سهپ ۽ چاهت
ٻئي جو ڏک پنهنجو ڏک سمجهڻ
اُهو سڀ رت ست ٿو گهري
قرباني ٿو گهري

ڊاڪٽر مرلي ڌرجي شاعريءَ جو گُوڙهو ابياس ڪندي مون هن جي بيان ۾ خاص ڪماليت اها بہ ڏٺي آهي تہ هو تمام ڏکين ۽ خوفناڪ موضوعن کي ڏاڍن نرم ۽ نفيس لفظن سان سينگاري ۽ گلڪاري ڪري اهڙي تہ انوکي روپ ۾ پيش ڪري ٿو، جو هڪ طرف هن جي اُها فنڪاري سوهي وجهي ٿي تہ ٻئي طرف هن جو لهجو پنهنجو ڪرڻ ۾ دير نہ ٿو ڪري. ان ڳالهہ وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ خاص طور تي سندس نظم ”حاڪم“ کي پيش ڪري سگهجي ٿو. جنهن ۾ هو چوي ٿو تہ:

منزل
محبت
تون
۽
مان

واسينگ
رهزن
ڦورو
۽
هوءَ

خوبصورتي
چاهت
پيار
۽
تون

قتل
چوريون
ڌاڙا
۽
خودڪشي

معصوم
ننڍڙي
نازڪ
۽
هوچار

حاڪم
ٻوڙا
گونگا
۽
لاچار

ان نظم ۾ ”حاڪم“ جي ”لاچاري“ يقينن هر سوچيندڙ ماڻهوءَ جي نرڙ تي پگهر آڻي ڇڏيندي ۽ هو ڊاڪٽر مرلي ڌر جي شاعريءَ کي پنهنجي دل جي ڳجهن خانن ۾ سانڍڻ جڻ ته پنهنجو فرض ڪري سمجهندو. ڇوته هن پنهنجي احساس ۾ هزارين انهن ماڻهن جي دلين جي ترجماني ڪري ڇڏي آهي، جن جون اکيون استادن جا ڏک، سور ۽ اهنج ڏسي ڪڏهن به لڙڪن لاڙڻ کان پالهيون ٿينديون ئي ناهن.

محمد علي پٺاڻ

لاڙڪاڻو
23-01-2010

شاعريءَ جا سُڏڪا ۽ مُرلي ڏر

اج اسان جنهن دنيا ۾ رهون ٿا، اُهو هڪ ڪائناتي ڳوٺ آهي. اُن ۾ يورپ کان آفريقا تائين ۽ مڊل ايسٽ کان ايشيا تائين، جيڪي به مُلڪ ۽ خِطا اچي وڃن ٿا، تن ۾ رڳو به انسان رهن ٿا: هڪ امير ۽ ٻيو غريب. غريب جي تذليل ڊرامن، فلمن، ادب ۽ آرٽ جو ته موضوع بڻي آهي، پر غريب جو پيٽ ائين خالي آهي، جيئن هاڻي دنيا مان پائي غائب ٿيندو پيو وڃي. اهڙي انساني ٽريجڊي هاڻي ڪنهن به هڪ ملڪ تائين محدود ناهي رهي. اُن ۾ رملا جي اُن فلسطيني ٻار جا لُڙڪ به شامل آهن، جيڪو غزه جي پٽيءَ ۾ پنهنجي والدين سان ملڻ لاءِ نٽو وڃي سگهي ۽ روانڊا ۾ نسلي نفرت اجا خاڪ ۾ دُکندڙ ٽانڊي وانگر آهي. ايشيا ۾ جنگي جنون ائٽمي بمن جي پڻ تي پنهنجو هٿ رکي ويٺو آهي، عراق ۽ افغانستان ۾ بمن، بنياد پرستن ۽ نيٽو جي فوجين جي حاڪميت آهي. پاڪستان رت ۾ وهنجي رهيو آهي ۽ سنڌ جا سُڏڪا بند نٿا ٿين.

انسان جي تذليل جي هڪ طرف اِها ڪهاڻي آهي، ٻئي طرف اڪثر ماڻهو / نوجوان سماجي لاتعلقي ۽ انفراديت پسنديءَ کي اڄوڪي دور ۾ پنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ اهم سمجهڻ لڳا آهن. اهڙي دور ۾ ڪجهه اهڙا نوجوان به آهن، جيڪي "لِڪا پُٺن لوڪَ ۾" واري زندگي گذاريندي به پنهنجي آفاقي انساني عشق جو پيرم رکڻ ۾ رُڌل آهن. مُرلي ڏَر به شايد اهڙن ڪردارن مان هڪ آهي، جيڪي فڪري توڙي عملي طور تي انسانيت جي خدمت کي پنهنجو نظريو ناهي ويٺا آهن. مُرلي ڏَر جا هي آزاد ۽ نثرانا نظم جيڪي سنڌي شاعريءَ جي اُن موضوعاتي پهلوءَ کي اجاگر ڪن ٿا، جيڪو سوچ کي بدلائڻ ۽ اڪثريت سان جوڙڻ جو ڏس ڏيندو آهي. سنڌ جو هر ماڻهو ڏاڍو حساس آهي، پر شاعر ته فطري طور تي اُن کان وڌيڪ حساس ٿئي ٿو، تنهن ڪري هيءَ اهڙي شاعري آهي، جيڪا دماغ کي جهٽڪو ڏيئي، سجاڳ ڪرڻ جي هڪ وڏي طاقت رکي ٿي.

مون کي ذاتي طور تي خبر آهي تہ مُرلي ڏر سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالوجي ۽ ٽرانسپلانٽ ڪراچي ۾ اُنهن غريب مريضن جو غير مشروط طور تي مددگار بڻجندو آهي، جن جون "اکيون التجائون" چهرو بيوسيءَ جي تصوير ۽ دل رت روئندڙ هوندي آهي. هيءُ نوجوان وڏي وجي، پنهنجي سفيد ائپرن سان اهڙن مسڪينن جا ميرڙا لڙڪ اُگهندو آهي، اُنهن جي ڦڙڪندڙ سُڪل چپن تي لَپ پاڻيءَ جي هارڻ لڳندو آهي ۽ اُنهن کي صحتيابيءَ جي خوشخبري ٻڌائي، سندن اکين ۾ جيئڻ جي چمڪ پيدا ڪري، واپس پنهنجي گهر اچي، گهر وارن کان لِڪي، پنهنجون اکيون اُگهڻ لڳندو آهي. هيءَ شاعري سندس اهڙي ڪيفيت جو عڪس آهي.

مُرلي ڏر پنهنجي طبيعت ۾ ڏاڍو حساس آهي، باوجود اِن جي تہ، هُو ڊاڪٽري پيشي سان لاڳاپيل آهي، پر هيءَ شاعري سندس ترقي پسند فڪر جو هڪ واضح اظهار آهي. هِن جو هيءُ اظهار بي معنيٰ ناهي. نہ وري هُن رڳو پاڻ کي اظهارڻ چاهيو آهي، پر هِن جي اڳيان مقصد جي هڪ چٽي، برلن جي اهڙي ديوار آهي، جنهن تي 1989ع ۾ (اِن جي ڊهڻ) کان پوءِ دنيا جي ڪيترن ئي مصورن اچي پنهنجون پينٽنگس ٺاهيون آهن.

ڏنو وڃي تہ "درد"، "احتجاج" ۽ "سڏ" ڪلاسيڪي توڙي جديد سنڌي شاعريءَ جا اهم موضوع رهيا آهن. خاص طور تي ورهاڱي کان پوءِ واري سنڌي شاعري، تسلسل سان پنهنجا اهڙا موضوع، نَين نَين معنائن، تشبيهن ۽ لهجن سان کڻندي پئي اچي. سنڌي ٻوليءَ جي هِن نوجوان شاعر جي هِن ڪتاب ۾ ڏنل شاعري سنڌ جي هر اُن نوجوان جي آهہ، دانهن ۽ سندس مَنَ جي چيخ آهي، جنهن جي روح کي جهير آيل آهن ۽ جنهن مان ٽيپو ٽيپو ٽي ڳڙندڙ درد جو رتُ، هِن ديس ۽ اُن جي بيوس انسان جي حالت بيان ڪري ٿو.

هيءَ شاعري اهڙا اڻ وسرندڙ چٽ بہ آهي، جن جي چاهت جي دائري ۾ اُهي سيئي ماڻهو اچن ٿا، جيڪي هِن سماج ۾ رڳو "انسان" جو رُتبو (بنيادي انساني ۽ سماجي حق تہ پري جي ڳالهہ) حاصل ڪرڻ لاءِ دانهون ۽ ڪوڪون ڪري رهيا آهن – ۽ هِن شاعريءَ جي دائري ۾ نفرت جا عڪس بہ آهن، جيڪا نفرت انهن طبقن ۽ قوتن خلاف آهي، ﺣ..

اڪثريتي مائهن جي سُک کي ڪڍهن به سَنو ناهي.

هن ڪوشش ڪئي آهي ته هُو عام مائهن جي سڏڪن کي شاعرائو روپ ۾ پنهنجي غصي کي ڀرپور آواز ڏئي. اسان سڀئي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ آواز ۾ ڳالهايون ۾ لکئون ٿا، پر سڀني جي بنيادي ڳڻتي (con-cern) عام مائهوءَ جو سُک ۾ ڏاڍ تي ٻڌل سماج جو خاتمو آهي. اها ويڙهه، ڪا اڄ جي ويڙهه ڪانهي ۾ نه وري اهڙي ويڙهه ڪو اڄ جو نوجوان شروع ڪرڻ جو سهرو پنهنجي سِر تي سجائي سگهي ٿو، پر هيءَ ويڙهه ڏاڍي پراڻي آهي ۾ صدين تي ڦهليل ان ويڙهه کي هر دور جي باشعور نسل جاري رکيو آهي. مُرلي ڏر به اُن نسل جو هڪ آواز آهي، جنهن پنهنجو حصو هن جدوجهد ۾ شامل ڪيو آهي.

هيءَ ڳاڻن واري نه، پر پڙهڻ واري اهڙي شاعري آهي، جيڪا هڪ واضح نظرياتي سوچ کي احساساتي انداز سان بيان ڪري ٿي. هِن جي خيالن جي اهڙي پختگي سندس عوامي وابستگيءَ جو نتيجو آهي، نه ته هُو بدليل دور جي هجوم کان الڳ بيٺل اڪثريتي نوجوان شاعرن وانگر پنهنجا موضوع بدلائي پئي سگهيو، پر هڪ اهڙي دور ۾، جڏهن اڪثر ترقي پسند اديب، شاعر، ڪارڪن ۾ دانشور سخت مونجهاري ۾ مايوسيءَ جو شڪار آهن، هِن جي لهجي ۾ جيڪا اُميد پرستي آهي، سا پتڪيل مائهن لاءِ ته هڪ نئين واٽ گهڙي ٿي، پر اِها نئين نسل کي به برابريءَ واري سماج جي قيام جي راهه ڏَسي ٿي.

سنڌ جي هِن نوجوان ۾ نرالي شاعر جي شاعريءَ ۾ اڄ جي دور جي شاعريءَ وارو پاپولر موضوع "رومانس" ناهي، پر هِن ۾ ڳوڙها آهن ۾ ڳوڙهن جون ڳالهيون آهن، جن کي ترقي پسند شعور سان جوڙيندي هڪ نئين دنيا جي قيام جو خواب ڏٺو ويو آهي. جنهن خواب کي جيتوڻيڪ اڄ جي دور ۾ "اڻ لاڳاپيل" (irrelevant) سمجهيو پيو وڃي، پر زندگي به ڪا irrelevant (اڻ لاڳاپيل) ٿيندي آهي ڇا؟ سو، جنهن نظريي ۾ "زندگي" هجي، اُن مان اُها "زندگي" نه ٿي ڪڍي سگهجي. مُرلي ڏر سياسي ذهن ڪٿي، تخليقي انداز ۾ ڀرپور ڪمٽمنٽ سان پنهنجي روشن خياليءَ کي محفوظ ڪري ٿو، پنهنجا خيال ۾ احساس پڙهندڙن سان ونڊي ٿو، اُنهن کي اجوڪي انسان جي حالتِ زار ٻڌائي، زار شاهيءَ جهڙي نظام کي رد ڪري، برابريءَ واري سماج اڏڻ جي تمنا ڪري ٿو.

سو، حقيقت اِها آهي تہ مُرلي ڏَرجي شاعريءَ جو هڪڙو ئي موضوع آهي، جنهن جو نالو آهي "انسان." انسان جي اِن وسيع نالي ۾ عورت بہ اچي ٿي وڃي تہ، مرد بہ. مزدور بہ اچي ٿو وڃي، تہ هاري بہ اچي ٿو وڃي. مظلوم قومون بہ اچي ٿيون وڃن تہ، مفتوح ڌريون بہ اچي ٿيون وڃن. مُرلي ڏَروِسري ويل سوچن کي ورائي ماڻهن سان اُنهن کي مِلائي ٿو. جن ۾ زندگيءَ جي پاڪيزگي هوندي هئي ۽ جيڪي جيئڻ جو اُتساهہ هونديون هيون. هڪ دور هيو، جو ماڻهو خوابن جا رٿ سينگاري هلندا هئا، ۽ جن جي پنيان وڏا لشڪر هوندا هئا. هاڻي سڀ ڪو ڪُنڊ ۾ وينو ٿو سِسڪيون پري ۽ جيڪڏهن ڪنهن ۾ ٿوري همت آهي تہ اُهو هِن شاعر وانگر پنهنجي ليکي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري پيو، پر اُن جي آواز جي گونج کي بيهر "پنهنجو اثر پيدا ڪرڻ لاءِ" وقت ڪپندو.

هِن شاعريءَ ۾ آهن نوان نوان چِٽ، سادا سُودا خيال ۽ سادي ۽ نماڻي ٻولي، پر چرڪائيندڙ:

ماڻهوءَ جي
جان جي قيمت
هڪڙي گولي
ٻڌجي وئي آ
جهڙو ڪر
شروع ڪئي آهي
ميونسپالٽيءَ
ڪُتا مار مهم

هِن ڪتاب ۾ مُرلي ڏَرجي سنڌي شاعريءَ سان گڏ اردو شاعري بہ شامل آهي، جيڪا مون کي ڪٿي ڪٿي سندس سنڌي شاعريءَ کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ محسوس ٿي. هِن جو هڪ اردو نظم "لو آگئي" هڪ بهترين نظم آهي، جنهن جون ڪجهہ سِٽون هي آهن:

''ایک دن ایسا ہوا
کسی رہزن نے
دھوکا کیا
ملکیت پر قبضہ کیا
یہ میرا اور یہ تیرا ہوا............''

انساني تقسيم ۽ طبقاتي نظام جي تشڪيل وارا لڳ ڀڳ، سمورا مرحلا هِن نظم ۾ اچي وڃن ٿا.

يا سندس هيءَ هڪ شاندار نظم ڏسو:

من کی میل اندر لے جائیں
میلے جوتے باہر چھوڑ آئیں
من اجرا جو کر لے مانش
وہ ہی بھگون پائیں۔

مُرلي ڏر جنهن فڪري کهول سان تعلق رکي ٿو، اُن ۾ سڄي دنيا جا ترقي پسند اچي وڃن ٿا – ۽ جنهن ذاتي کهول سان تعلق رکي ٿو، اُن ۾ هڪ باوقار ۽ روشن خيال ادبي خاندان اچي وڃي ٿو، جنهن ۾ سائين وليرام ولڀ (سندس سهرو) به آهي، ته سنڌي آزاد نظم جي مضبوط شاعره پيڻ پشپا ولڀ (سندس وَني) به آهي، اُن ۾ منهنجو دوست ۽ نئين سنڌي نظم جو چرڪائيندڙ شاعر ليلا رام (سندس سَنيو) به آهي، ته اسان جي ڀيڻ ۽ شاعره گوري ولڀ (سندس سالي) به آهي. تنهن ڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته، ايترن مضبوط ادبي رشتن سان گڏ رهندي مُرلي ڏر جي سوچ ۾ جيڪا پختگي ۽ گهرائي آئي آهي، سا تڏهن اچا وڌيڪ مڪمل ٿيڻ طرف وڃي ٿي، جڏهن هُو هڪ ڪميٽيڊ ۽ ترقي پسند انسان محترم ڊاڪٽر اديب رضويءَ سان گڏ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ٿو. تنهن ڪري هِن شاعريءَ ۾ موجود جمهوري ۽ سيڪيولر خيال هڪ نئين دنيا جو مجسمو ناهن ٿا، جنهن ۾ جيڪا سونهن آهي، اُن جي سڃاڻپ رڳو انهن کي ئي سگهندي، جن ڪڏهن درد سان دوستي رکي هوندي. درد جي دوستي سستي ڪانهي ۽ نه وري هِن ڪتاب جو شاعر رڳو درد وِرهائڻ ٿو چاهي، هُو ته ڀٽائي سائينءَ جي هِن سِٽ: ”اچو سورن واريون، ڪريون سُور پچار“ کي پنهنجو رهنما اصول سمجهندي ”درد تي ڊائلاگ“ ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، ۽ جڏهن درد تي ڊائلاگ ٿيندو، ته درد جو دائمي علاج به تجويز ٿيندو.

8 فيبروري 2010ع، انور ابڙو
ڪراچي، سنڌ

پنهنجي پاران

منهنجي لِکڻ پڙهڻ جي سِکيا منهنجي گهر کان ئي شروع ٿي. منهنجو ڏاڏو هڪ سماجي ڪارڪن هُيو. ۽ منهنجو والد اُن جو بانهن ٻيلي. ٻنهي گڏجي سماجي ڀلائي جا ڪيترائي ڪم ڪيا ۽ هڪ تنظيم جو بنياد پڻ وڌو، جنهن تحت هڪ ناري هنري شالا اهم آهي، جنهن ۾ ڇوڪرين کي ڪپڙن سِبڻ جي سکيا ڏني ويندي هُئي. ان اداري تحت هڪ مفت علاج جي ڪلينڪ به هلندي هئي. سڀ کان اهم اِهو ته بيواهه عورتن کي گهرن ۾ پاپڙ ناهڻ جو سامان، ثابت مسالا پهچايا ويندا هئا. هُو اِهو ڪم گهر ۾ ويهي ڪنديون هيون ۽ روزگار ڪمائينديون هُيون. ۽ اِهو سامان بازار ۾ وڪرو ڪيو ويندو هُيو. ناري هنري شالا ۾ مفت سکيا ڏني ويندي هئي ڪپڙو ۽ ڌاڳو به اداري طرفان مهيا ڪيو ويندو هُيو.

مان اُن وقت ننڍو هئس، 12 سالن جي عُمر هئي ۽ 1970ع جو ڏهاڪو هيو. اِهو منهنجي اکين آڏو ٿيندو هُيو. ڪڏهن ڪڏهن مان اِن ۾ هٿ به ونڊائيندو هُيس. اِن طرح منهنجي سکيا ٿيندي رهي. اِن جماعت جو هڪ ڪم ڏاج ۽ ٻين سماجي بُراين خلاف جدوجهد به هُيو. هندو پنچائت ۾ چونڊون ڪونه ڪرايون وينديون هُيون. اِن خلاف مهم به اِن تنظيم جي ڪمن ۾ شامل هُئي. منهنجو ڏاڏو اِن سلسلي ۾ مضمون مون کان لکرائيندو هُيو. اِن طرح مان لکڻ پڙهڻ طرف راغب ٿيس ۽ سماجي ڪمن جي سِکيا مِلي ۽ غريبن سان همدردي جو سبق سِکيم. اُن زماني ۾ مان ڏاج واري رسم خلاف تقريرون ڪندو هُيس ۽ اُن خلاف مضمون به لکندو هُيس. اڳتي هلي پنچائت ۾ اليڪشن ڪرائڻ جي رسم پئي جيڪا اڄ تائين جاري آهي. اِهو چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته اِن جو سهرو منهنجي ڏاڏي جي سر آهي. منهنجي ڏاڏي جي ديهانت کان پوءِ منهنجي پيءُ سماجي شيوا جو ڪم جاري رکيو. ڏاج واري لعنت اڃا به هندو سماج ۾ موجود آهي ۽ ان رسم خلاف اڃا سوڌو ڪا خاص پيشقدمي ڪونهي ٿي. مون اُن کان پوءِ به ٿي ڪهاڻيون به لکيون ۽ مضمون به لکندو رهيس. شاعري مون 1977ع کان شروع ڪئي

۽ ڪڏهن ٿورو ڪڏهن گهڻو لکندو رهيس. چانڊڪا مان "ڏياري مئگزين" ڪجهه دوستن سان ملي ڇپيم ۽ جاڳرتا نالي سان رسالو به شايع ڪيم. روزانه عوامي آواز ۾ "تخليق" جي نالي سان ادبي صفحو ۽ صحت صفحو به ترتيب ڏنم. اِن وچ ۾ مضمون به لکندو رهيس ايندڙ ڪتاب مضمونن جو مجموعو هوندو پر شاعري مون کي سوچ جي اظهار جو گهٽ وقت گهرندڙ ۽ ذهن تي گهرو اثر ڇڏيندڙ طريقو لڳندو آهي. شاعري جي باري ۾ مختلف رايا آهن ڪجهه ڏينهن اڳ مون هڪ شاعر کي پڙهيو جنهن جو خيال هيو ته هو شاعري پنهنجي لاءِ ڪندو آهي. تنهن ڏينهن هڪ ٻيو ڪتاب پڙهيم جنهن ۾ شاعر لکيو هيو ته شاعري ۾ سُر هجڻ ضروري آهي ورنه اُها شاعري ڪونهي، ڪو وري اِن کي ذات تئو ڪوني. منهنجي خيال ۾ شاعري پنهنجي اڏمن، سوچ ۽ خيالن کي سليقي سان، ٿوري وقت ۾ اثرائتي نموني پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي. جيڪو پڙهندڙن جي وڏي تعداد کي پسند ايندو آهي. مان شاعري گهمندي ڦرندي لکندو آهيان چاڪاڻ ته مسئلا، ڪردار، مونجهارا ۽ خوشيون هلندي ڦرندي ڪنهن به وقت سامهون اچيو وڃن. مان به تي سٽون ڪنهن ڪاغذ جي ٽڪرتي لکي ڇڏيندو آهيان ۽ اُن کي ڪجهه ڏينهن ۾ مڪمل ڪندو آهيان.

منهنجي نظم "سنڌ" اُن عورت تي لکيل آهي جيڪا ٻار نه ٿيڻ ڪري پريشان هئي. هُن پنهنجي طبي چڪاس ته ڪرائي هئي پر سندس مڙس پاڻ کي چڪاسائڻ لاءِ تيار نه هيو. اهڙي طرح "عورتن جو عالمي ڏينهن" ۽ "صحت سماچار" هڪ ٻي نظم آهي جيڪا به هڪ مريضا تي لکيل آهي. "حاڪم" نظم مون اخبار ۾ هي خبر پڙهي لکي ته 8 سالن جي ٻارڙي کي 4 وحشي درندن بي آبرو ڪيو. اهڙي طرح مونجهارا ۽ پريشانيون، ستايل ۽ ڌڪايل هر پل هر گهڙي مليو وڃن. اِهي سمورا مظلوم منهنجي نظمن جو موضوع آهن.

مان ڪو وڏو شاعر ناهيان پر مون کي اظهار جو اِهو گهٽ وقت گهرندڙ ۽ اثرائتو طريقو سمجهبو آهي. مان اڪثر عام ماڻهوءَ جي مونجهارن، سماجي ۽ سياسي مسئلن تي ئي لکي سگهندو آهيان. هر نظم هيٺان تاريخ به اِن ڪري ئي لکي آهي ته جيئن نظمن کي اُن وقت جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي حالانڪ حالتون ڪي گهڻيون بدليون ڪونهن. 1977ع کان وٺي اڄ سوڌو صورتحال ۾ گهڻو بدلاءُ ڪونهي آيو پر وري به

ڪجھ مسئلا ڪنهن خاص وقت ۽ ماحول جي نشاندهي ٿا ڪن. منهنجي خيال ۾ اسين جيڪڏهن پنهنجي لکڻين کي ڇپرايون ٿا ته ان جو مقصد اِهو ٿيو ته اسين لکون ٻه ٻين لاءِ ٿا. تنهن ڪري منهنجي ذاتي راءِ ۾ هميشه اِن ڳالهه جو خيال رکجي ۽ ڪوشش ڪجي ته اسان جي لکڻين ۾ ماڻهن جي مسئلن، اُڌمن، آشائن ۽ پريشانين جو ذڪر هجن گهرجي ۽ اسان جون لکڻيون ماڻهن ۾ اُتساهه جو سبب بڻجن نه کي ڊپريشن ۽ ذهني پريشانين جو.

منهنجي شاعري جي پرک ڪسوٽي ته پڙهندڙ ئي آهن پر منهنجي اِها هر حال ڪوشش رهندي ته پنهنجي اُڌمن جو اظهار ماڻهن جي بهتري ۽ ڀلائيءَ لاءِ ئي ڪريان.

لک لائق ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، محترم محمد علي پٺاڻ، قرب واري انور ابڙو ۽ مانواري پروفيسر ڄام جمالي جا جن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي ڪتاب تي پنهنجي راءِ لکي. ٿورا عزت واري سائين ولي رام ولڀ، پشپا ولڀ ۽ محمد علي پٺاڻ جا جن ڪتاب جا پروف پڙهيا، ڇڪون دُرست ڪيون ۽ مفيد مشورا ڏنا. ڄام صاحب شاعري کي پسند ڪندي انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻ جي آڇ ڪئي، مان سندس شڪرگذار آهيان. سائين لاڙڪاڻي ۾ ايڪانامڪس جا اُستاد آهن. پاڻ انگريزي شاعري ڪندا آهن ۽ ترجمو به ڪندا آهن. سندس قلم مان شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل، شيخ اياز، امداد حسيني، محمد علي پٺاڻ، ادل سومرو، انور پيرزادو، ايازگل ۽ ٻين ڪيترن ئي نالي وارن شاعرن جي شاعري گُذري آهي. موقعي جي مناسبت سان اِها شاعري مون هن ڪتاب ۾ ئي شامل ڪئي آهي. ڪامريڊ دوست ڊاڪٽر محمد خان ٻبر ۽ ڊاڪٽر بخش علي بروهي جو ذڪر ڪرڻ به مناسب ٿيندو جن شاعري جي چونڊ ۾ مدد ڪئي ۽ ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ همٿايو.

آخر ۾ ٿورا محمد علي ماجد (ڪاڇو پبليڪيشن) جا، جنهن سهڪار ڪيو.

اُوهان جو
مُرلي ڌر

ڪراچي
chhabriam@yahoo.com

منهنجو پهريون نظم

نَفرت وڏي وئي هِن دنيا ۾ آهي
نہ ڪي ياءُ آ ياءُ جو، نہ پٽ پيءُ جو آهي
ڪٽن چئن پئسن لاءِ هٿيار هٿ ۾
مُرلي دُنيا هي نفرت جو پندار آهي

14-4-1977

ڪڏهن ٿيندو هاري سجاڳ

ڪڏهن ٿيندو هاري سجاڳ
ڪڏهن مِٽندو زمينداري راڄ
ڪڏهن ٿيندو هٿ سوجهارو
ڪڏهن مٽجندو گهور انڌارو
ڪڏهن غريب ٿيندو خوشحال
ڪڏهن بدلبي دُنيا جي چال
ڪڏهن هاري سُک سان سمهندو
ڪڏهن پورو پيٽ ڀريندو
ڪڏهن ٿيندو مظلومن جو راڄ
ڪڏهن ٿيندو هاري سُجاڳ

30-8-1977

ٽيڙو

سچ عظيم اُپرٺو آ
هر اونڌهہ ڪان پوءِ
سچ نہ ڇُپجي سگهڻو آ

آزاديءَ سان رهڻو آ
زنجيرن جا بند ٽٽجي
هي جيون سڦلو ڪرڻو آ

رات اونداهي آهي ساٿي
ڏينهن بہ هيڪر ٿيڻو آ
رات ظلم جي مٽندي ساٿي

31-1-1979

ٽيڙو

غريب جو ٻار
قاتل ڪپڙا پنير اُگھاڙا
هڪلي وينو جهار

ننڍڙو پتڪڙو ٻار
ٻُڪ وِگھي
روئي زارو زار

31-1-1979

عورت ۽ عقل

چوندا آهن
ته
عورت جو عقل
پير جي کُڙيءَ ۾
هوندو آهي
ته پوءِ چا
مائي بختاور
موتيه چوڙري
ليلا خالد
جميلا بُوپاشا
زويا اناطوليه
نِگوئن تي چا ئو
اِهي سڀ
عورتون ناهن؟

4-6-1983

ٽيڙو

تون مون کي مان توکي
ڇڪيون ٿا ايئن جيئن
نيگيٽوءِ پازيٽو هڪ ٻئي کي

18-12-1985

انسان ازل کان مشکل ۾

انسان ازل کان مشکل ۾
هڏ هڻي ۽ نينهن نچوڙي
تو رت ست پنهنجو هڪ ڪري
نيٺ به اٿين لولن تي
انسان ازل کان مشکل ۾

تا چند پرماري عيش ڪرن
چند پئسي وارا پيپ پرن
هُو انگ اگهاڙو پيٽ بُکيو
انسان ازل کان مشکل ۾

هُو امن امن جي سين هڻي
هُوديا ڌرم جي ڳالهه ڪري
پر آهي هر دم رولي ۾
انسان ازل کان مشکل ۾

هُو اسلحي جا انبار هڻن
بم بارود جي پوڄا ڪن
هي اڇو جهنڊو هٿ ۾ ڪٿي
انسان ازل کان مشکل ۾

هڪ ڏينهن انت به ٿيٺو آ
انساني مقدر قِرٺو آ
شاطر ۽ شڪاري مرڻا هن
انسان امر سو ٿيٺو آ
انسان سُکي سو ٿيٺو آ

27-2-1989

اڪڙيون ڏيلا، من گهايل

ڪالهه جڏهن ٻن پهرن جو
هڪ چو واٽي تان گُذر ٿيو
مون انسانن جو ميڙ ڏٺو
ڪي ساهه سُڪل، ڪي مُرجهايل
ڪي اڪڙين ڏيلا، ڪي من گهايل
مون هڪ هڪ ڪان احوال ورتو

هڪ ويجهي اچي چيو، آهيان محنت ڪش
ٻڏان پيٽ پٺي ڪيان ٻچن گذر
ڪجهه سال اڳي بي دخل ٿيس.
مون هڪ هڪ ڪان احوال ورتو

ٻئي ڪن ۾ اچي سُرٻات ڪئي
چيائين مان هيس سياسي ورڪر
ڪيو ڪوڙن منهنجو هي تہ حشر
مون هڪ هڪ ڪان احوال ورتو

هڪ پيرسن سان خبر ڪيم
ٿن پٽڙن جو هو پيءُ هيو
ٻہ لسانيت جي ور چڙهيا
ٽيون بم بارود جو ٻک ٻٽيو
مون هڪ هڪ ڪان احوال ورتو

هُئا مارشل لا جا ماريل سڀ
رُجعت جا ڏڪاريل سڀ
پر آئيندي مان مايوس نہ ها
مون هڪ هڪ ڪان احوال ورتو

11-3-1989

مان اُن ديس جو رهواسي

مان اُن ديس جو رهواسي
جنهن ديس جا ماڻهو بُک مرن
مان اُن ديس جو رهواسي
جنهن ديس ۾ شودا عيش ڪرن
مان اُن ديس جو رهواسي
جنهن ديس ۾ محنت ڪانه اگهي
مان اُن ديس جو رهواسي
جنهن ديس ۾ لڄون ليڙ تين
مان اُن ديس جو رهواسي
جنهن ديس جا پورهيت پيڙهيل هن
مان اُن ديس جو رهواسي
جنهن ديس ۾ سنڌو سنڌ سينگار

11-3-1989

چوٿون سٽا

چُرپُر

تاريخ جي چُرندڙ ڦيٿي کي
تو روڪ ڏني ترميمن جي
تو چُرپر کي پابند ڪيو
تو فِطرت کي جڙ قيد ڪيو

سچ جي ڳالھ ڪرڻ وارا
جي پنھنجو پاڻ پڏائين تا
سي جيڪر تن ڪان مُلھ پڇن
جن جسم تي نيرا داڳ ڪنيا

11-3-1989

قيمت

هر سرنديءَ واري
هر سروانَ
هر ڪُرسيءَ واري
جي مقرر هڪ قيمت آ
اُها نہ ملي
تہ هاءِ گهوڙا
سڀ خراب جو پٽڪو
قيمت ملڻ جي دير آ
اک ٻوٽ ۾
ڪن پل ۾
سڀ ڪجهہ
صحيح نظر اچڻ لڳندو
بهتر نظر اچڻ لڳندو
هر سرندي واري
پنهنجي هڪ قيمت
رکي ڇڏي آ

28-12-1991

تيڙو

روج ۾ راڙو
ڪيڪون ڳوٺاڻن جون
ڪنهن گهر ۾ لڳو ڏاڙو

رهزنن ڪئي جُٽ
گهڙيا ڪُڙمي گهر ۾
ماري ڌڻئون لُٽ

ڏاڙيلن ٻاري آ باھ
گهِڙن جهانگين گهر ۾
مارو منجهه اوڙاھ

10-1-1992

ٻڪر ٻوساٽ

نئون دستور نئون قانون
سوچن تي پهرا
زبانون قيد
گُهٽ ۽ ٻُوسٽ جو راڄ
اوندهه انڌوڪار
ماڻهو منجهيل
ساهه سُڪل
جي ڪڇبو ته سٽبو
نئون دستور نئون قانون
جهنگل جو دور جهنگل جو قانون
گولين جي زوزٽ
اڙي ڪيڇي ٽو ونيئنس
مارينس نه ڇڏينس
دز دونهون
ڌاڙيل، دهشتگرد
٢٠ صدي؟؟؟
جمهوريت؟؟؟

28-1-1992

سونهن جو سوالي

گيو ناهي پيٽ ۾
گيدو هجي خالي
سونهن جو سوالي
اهڙي ريءَ ڪير ٽئي

25-6-1995

چوڻ لڳي اوٻچڙا
منهنجي پُٽ کي
آهي کهڙي پيڙا

ابا! ڊاڪٽر جلد ڪر
منهنجي منڙي نينگر جو
پلوڙ کو عِلاج ڪر

ڊاڪٽر چيو مائي
ڏوڪڙ ڪڍ جيب مان
ته لکي ڏيانءِ دوائي

سرڪاري دوائون
وڪرو ٿين بازار ۾
مسڪين ڪن دانهون

25-6-1995

ماٹھوءَ جي قيمت

ماٹھوءَ جي
جان جي قيمت
هڪڙي گولي
بنجي وئي آ
جھڙو ڪر،
شروع ڪئي آهي
ميونسپالٽيءَ
ڪُتا مار مهم

25-6-1995

شاگرد جي دانهن

بند ڪريو هي مارا ماري
پڙهڻ ڏيو مون کي
نه ته قوم پڇتائيندي ساري

25-6-1995

ٻار

گولين جي پرمار
ڪِريِ پيس پٽ تي
تج پيئندڙ ٻار

25-6-1995

راند رچايون

اچو تہ ٻارو راند رچايون
غريب امير جو فرق مٽايون
ٻي واهن لئہ رستا ناهيون
اچو تہ ٻارو راند رچايون

تون ۽ مان جو ڪينو ڍاهيون
ڌرتي ماءُ جو مانُ وڌايون
اچو تہ ٻارو راند رچايون

پاڻ جڏهن پيي ڪاڏو ڪائون
جن کي ناهي تنِ کارايون
اچو تہ ٻارو راند رچايون

محبتن جا مينهن وسايون
نفرتن کي دور ڀڄايون
اچو تہ ٻارو راند رچايون

11-3-2002

امرت جل

پيار جي اُسريل
ٻوٽي کي
سائو جي رکڻو آ
پريت جو پوتر امرت جل
ڏيندو هر پل رهڻو آ

9-7-2002

وڏي مڙهيءَ ۾
لنگر ٽيندو
ناني رڏيندي
ڏوهٽو ڪائيندو

ڳُنگ آهي زبان
بند آهن اکيون
ڪن ٻوڙا
سوچ تي تالا هن

16-7-2003

سونامي جو سانحو

سائنسي ترقي
انسان جي بلندي
پر ھہ سونامي جو سانحو
ڪِن پل ۾، لمحن ۾
لکين دربدر، لکين خاڪسر
سرنديءَ وارا مشغول
ھٿيارن جي ڊوڙ ۾
ملڪ اُجاڙڻ ۾
وڏيڪ ماڻھو
مارڻ ۾
سونامي جو سانحو

8-1-2005

تون ۽ مان ٻَک
سهڻا دلبر سائين
جيئن ماکي ۽ مَک

تون ۽ مان هِڪ
منهنجا پرين پيارا
جيئن گهرڙو ۽ مِک

10-1-2005

چوٴ سٽا

هڪڙا اوڍين ڪيمخاب
هڪڙا اڌ اگهاڙا
جيڪي هٽن تا ڌاڙا
اُنهن جون ڌهه ئي آڱريون گيهه ۾

جڳ جا پالڻهار
تنهنجي مهما اپرم پار
ڪنهن کي ڏين تو ٻُڪ
ڪنهن لاءِ ڪاڏي جا انبار

جڳ جا پالڻهار
تنهنجي مهما اپرم پار
هڪڙا جيئن اسي
ٻيا ڄمندي ئي بيمار

10-1-2005

اِنهن جو ڇا ڪجي!

پيار، محبت، سونهن
عيش، آرام، آسائشون
آهن
سڀ نعمتون
مسڪيني، غريبي، ناداري
بک، بدحالي، بيروزگاري
آهن
سڀ مصيبتون
هڏاوان پڇرا
بي علاج بيمار
اگهاڙا بار
آهن
سڀ حقيقتون
تنهنجي خوبصورتي ۽ وفا
حُسن ۽ چاهت
آهن
پُرڪشش
پر
منهنجا دلبر سائين
هڏاوان پڇرا
تن اگهاڙا بار
نِبل مائرون
۽
بِنا عِلاج بيمار
اِنهن جو ڇا ڪجي!

14-1-2005

عضون جو عطيو

هوءَ ڪنهن
امڙ ڄائي
مرندي مرندي
ٻن مرندڙن
جون جانيون
۽ ٻن ٻي نُور
نوجوانن جا
نُور ٻچائي
زندگي دان ڪري
ابدي ننڊ سُتي
انسانيت کي امر ڪري
اُن جو ناءُ اونچو ڪري

19-1-2005

ٻليدان!

ڪاري ٻڪري
جي ٻَليءَ سان
جيڪڏهن
ڪنهن بيمار جا
ڪشت ڪٽجن ها
ته پوءِ
هر روز
هزارين جانورن
جي ذبح ٿيڻ سان
هوند
پوري دُنيا
جا روڳي
چاق ٿي
پون ها
اهو ڪهڙي پوٿيءَ
جو آهي فرمان
ته هڪ ساهه وٺڻ سان
ٻَليءَ ڪرڻ سان
ٻيو ساهه ٻچندو
ڪشت ڪٽندو

21-1-2005

ميرو من!

ميرا جُوتا
ٻاهر لاهي
ميرو من
مندر ڪٽي وڃڻ
کان بهتر آهي
اَجرو من مندر
ڪٽي وڃجي
پيگوان
پرسن ٿي ويندو

(پنهنجي ئي اردو نظم جو ترجمو)
24-1-2005

اوپرا

هي گل اسان جا
هي باغ اسان جا
هي ڌرتي اسان جي
۽ وطن اسان جو
پر رهڻ لاءِ
نہ ڪوئي آشيانو
۽ نہ ئي اجهو
جهڙو ڪر
پنهنجي ئي گهر ۾
اوپرا!

25-1-2005
(سنڌي ڳوٺ ڍهڻ وقت لکيل)

ويندو يورا يورا ٿي

صدين جو هي
پيار محبت
ويندو يورا يورا ٿي
تون ڪارو
مان گورو
تنهنجو مذهب هڪڙو
منهنجو مذهب ٻيو
رنگ نسل جو ڀيد ڀاوَ
هِن جهڳڙي ۾، نفرت ۾
ويندو يورا يورا ٿي

هي نفرتون
هي عداوتون ۽ وير
ڇا لاءِ ۽ ڪنهن لاءِ
آهيون سڀ هڪ انسان
ساڳيو ماس ساڳيون هڏڙيون
ٻه اکيون ۽ ٻه هٿ
رت جو رنگ ٻه ساڳيو
پوءِ اهل تُون تُون
۽ مان مان
ڪنهن لاءِ ۽ ڇا لاءِ
ويندو يورا يورا ٿي

اسان جا مسئلا ساڳيا
ضرورتون ساڳيون
آهن چاهتون بہ ساڳيون
پوءِ آهيون ڇو ڌار
ويندو پورا پورا ٿي

ڪڏهن ونديون
ختم ٿينديون
وري اينديون
ساڳيون ئي
محبتون ۽ پيار
نہ تہ
ويندو پورا پورا ٿي

26-1-2005

Episodic Love

تنهنجي محبت به
Phaeo جي بلڊ پريشر
جهڙي ٿي پئي آ
ڪڏهن ايتري گهٽي
جو بلندين کي ڇُهي
متو ڦيرائي وجهي
ڪڏهن ايتري گهٽ
جو
بوسٽ ٿين لڳي
صبرءِ شانت جي
ٽِڪي وٺي
هِن کي
Rhythm ۾ آڻ
نه ته
نسون ڦاٽي پونديون
قلب بيهي ويندو

26-1-2005

(Phaeochromocytoma هڪ بيماري جنهن ۾ بلڊ پريشر اچانڪ وڌندو. گهٽجندو آهي)

روشن صبح جي نانءُ

بي گناهه عورت جي نانءُ
جيڪا درجي دربان هٿان
بي عزت ڪئي وئي
ان هاري جي نانءُ
جيڪو هر روز
وڏيري هٿان لتجي ٿو
ان مزدور جي نانءُ
ڪارخانيدار هميشه
جنهنجا حق ڪسيا
انگ اُگهاڙن ٻارن جي نانءُ
جنهن جو ڪوئي والي نه وارث
روڊ ڪناري روزگار
جي اوسيئڙي ۾ وينل
مزدور جي نانءَ
جيڪو آهي روٽي ٻيي کان محروم
اُنهن واٽهڙن جي نانءُ
جيڪي ڏينهن ڏني
پِنگ خاطر ڪنيجي ويا
دُنيا جي سمورن مظلومن جي نانءُ
طاقت هوندي به
جن جو ڪو آواز نه آ
اُن سوچ جي نانءُ
جيڪا ڏتڙيل انسانيت جي
واهر ڪندي
روشن صبح جي نانءُ
جيڪا هڪ ڏينهن
ضرور ٿيندي

4-2-2005

انسان دوست ست

چون تا
تہ
دنيا مان
سوشلزم
ختم ٿي ويو.
پلا ڇا
دُنيا مان
بُک، بيروزگاري
ڏاڍ، ڌڪاءَ
غريب ۽ امير جو فرق
هاري، مزدور
ڏاڍ ڪرڻ وارو
۽
ڏاڍ سهڻ وارو
اِهي سڀ
ختم ٿي ويا آهن؟
جيڪڏهن جواب آهي نہ
تہ پوءِ
اهڙي ڪا سوچ
اهڙو ڪو نظريو
اهڙي ڪا انسان دوست ست
ڪپي ٿي ڪپي ٿي

24-2-2005

مذهبي منافرت

هُو معصوم ۽ نرم دل ماڻهو
ڪهي آيو هَيو
ڏورانهين ڏيهه مان
سموريون آسائشون
سمورا مزا ۽ انيڪ خواهشون
روشن مستقبل جا خواب ڇڏي
وطن جي محبت ۾
وطن جي خدمت سانگي
پنهنجو فرض نباهڻ
جنم ڀومي جو قرض لاهڻ
بي گناهه بي قصور مارجي ويو
مذهبي منافرت جي ور چڙهي
قربان ٿي ويو پيينٽ چڙهي ويو
هُو سچو، معصوم ۽ نرم دل ماڻهو

(ڊاڪٽر صفدر زيديءَ جي قتل تي لکيل)

22-3-2005

عيدون

